SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1994

SINDH ACT NO.VI OF 1994

سنڌ ڪول اٿارٽي ايڪٽ، 1993

THE SINDH COAL AUTHORITY ACT, 1993

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اٿارٽي ۽ ان جي آفيسن جو قيام
Establishment of the Authority and its offices

4. اٿارٽي جا ڪم
Functions of the Authority

5. اٿارٽي جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and Duties of the Authority

6. اٿارٽي جي معاملن جو انتظام
Administration of the affairs of Authority

7. بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

8. ميمبرن جي نااهلي
Disqualifications of members

9. غير سرڪاري ميمبرن لاءِ معاوضوءِ الائونسز
Remuneration and allowances to the non_official members

10. ڊائريڪٽر جنرل
Director General

11. عملدارن ۽ اسٽاف جي مقرري
Appointment of Officers and staff

12. مالياتي ۽ فني ڪميٽين جي مقرري
Appointment of financial and technical committees

13. چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Chairman

14. ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Director General

15. بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

16. فنڊ
Fund

17. اڪائونٽس ۽ آڊٽ
Accounts and Audit

18. رهتن جي اوڳاڙي
Recovery of dues

19. هدايت ڏيڻ لاءِ حڪومت جا اختيار
Powers of Government to give direction

20. اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers

21. عوامي ملازم

Public Servant

22. ايڪٽس ۽ ڪارروائين جي توثيق

Validation of acts and proceedings

23. ضمانت

Indemnity

24. قاعدا

Rules

25. ضابطا

Regulations

26. 1993 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXII جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance No.XXII of 1993

سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 1994

SINDH ACT NO.VI OF 1994

سنڌ ڪول اٿارٽي ايڪٽ، 1993

THE SINDH COAL AUTHORITY ACT, 1993

[20 فيبروري 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪول اٿارٽي قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪوئلي جي ڳولها، ترقي، پروسيسنگ، مفيد بڻائڻ، ڪاٽڻ جي ڪوٽائي ۽ استعمال ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ اٿارٽي جو قيام ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

باب I

شروعاتي

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڪول اٿارٽي ايڪٽ، 1993 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور ۽ 28 آڪٽوبر 1993 کان لاڳو ٿيندو.

وصفون

Definitions

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "اٿارٽي" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل سنڌ ڪول اٿارٽي؛

(b) "بورڊ" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل بورڊ؛

(c) "چيئرمين" مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(d) "ڪول" مطلب زمين جي سطح کان هيٺ ۽ ڪوئلي جي ڪاٽن مان مان حاصل ٿيندڙ معدنيات؛

(e) "ڊائريڪٽر جنرل" مطلب اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل؛

(f) "فنڊ" مطلب اٿارٽي جو فنڊ؛

(g) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(h) "ميمبر" مطلب بورڊ جو ميمبر؛

(i) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(j) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(k) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

باب _II

اٿارٽي جو قيام، اختيار ۽ ڪم

اٿارٽي ۽ ان جي آفيسن جو قيام

Establishment of the Authority and its offices

3. (1) هن ايڪٽ جي نافذ ٿيڻ کانپوءِ جيترو جلد ٿي سگهي، حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هڪ اٿارٽي قائم ڪندي، جنهن کي سنڌ ڪول اٿارٽي سڏيو ويندو.

(2) اٿارٽي بادي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي هن ايڪٽ تحت ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ وڪرو ڪرڻ لاءِ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، ۽ جيڪا ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ مٿس

ڪيس ٿي سگهندو.

(3) اٿارٽي جي هيڊ آفيس ڪراچي ۾ هوندي يا اهڙي ٻئي هنڌ تي جتي حڪومت طئي ڪري.

(4) اٿارٽي کي اهڙن هنڌن تي مقامي آفيسون کولڻ جو اختيار هوندو جيئن اها ضروري سمجهي.

اٿارٽي جا ڪم
Functions of the Authority

4. اٿارٽي ڪري سگهندي:

(a) ڪوئلي جي ترقي سان لاڳاپيل سرگرمين کي تيز ڪندي ۽ خاص طور ان سلسلي ۾ منصوبابندي، هٿي وٺرائڻ، انتظام ڪرڻ جي پروگرامن جي ذميدار هوندي ۽ ڪوئلي جي ڳولا، ترقي، کاڻن جي کوٽائي، پروسيسنگ ۽ استعمال جي پروگرامن تي عملدرآمد ڪرائيندي؛

(b) هن ايڪٽ تحت اسڪيمون تيار ڪندي ۽ انهن تي عملدرآمد ڪندي ۽ اسڪيمن تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ اهڙا قدم کڻندي جيڪي ضروري هجن.

(c) حڪومت کي ڪوئلي جي ذخيرن جو اندازو لڳائڻ لاءِ جيالاجي سان لاڳاپيل ڳالهين، ترقي، ڪم ڪار ۽ استعمال بابت مشورا ڏيندي؛

(d) وقت بوقت عام معلومات لاءِ صوبي جي ڪوئلي جي وسلن جي تحقيق ۽ ترقيءَ وارين سرگرمين جا نتيجا شايع ڪندي؛

(e) صوبي جي ڪوئلي جي وسيلن جي ترقي لاءِ گڏيل منصوبن خاص طور پرڏيهي سيڙپڪارن کي هٿي وٺرائيندي؛

(f) اهڙا قدم کڻندي جيڪي ضروري هجن يا ان جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ فائديمند هجن.

وضاحت: منصوبابنديءَ ۾ شامل آهي، مطالعا، جائزا، تجربا ۽ سائنسي خواهه فني تجزيو جڏهن تہ پروگرامن جي ترقي، تنظيم ۽ نافذ ڪرڻ ۾ هوندا، انفرااسٽرڪچر جوڙڻ، ماحول جي بهتري، جنهن ۾ شامل هوندا، روڊن جون سهولتون، پاڻي، بجلي ۽ گئس جي فراهمي، فني ۽ غير فني پورهيت، پيشاورانا عملو، زمين جي ترقي ۽ مالي سهولتون، ڪم سان لاڳاپيل سهولتون جيڪي ڪوئلي جي ترقيءَ وارن اسڪيمن ۽ منصوبي لاءِ گهربل آهن.

5. اٿارٽي کي اختيار هوندا تہ:

اٿارٽي جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and Duties of the Authority

(a) متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪري، انهيءَ تي ضابطو رکي يا انتظام ڪري؛

(b) ڪنهن ملڪيت جو وڪرو؛

(c) هن ايڪٽ جي مقصدن لاءِ ڪا اسڪيم جوڙي ۽ لاڳو ڪري؛

(d) هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو خرچ حاصل ڪري؛

(e) اهڙن سمورن معاهدن ۾ داخل ٿئي ۽ اهڙا معاهدا ڪري، جيڪي اها ضروري سمجهي؛

(f) ضروي سامان مهيا ڪري يا بهتر نموني ڪم ڪار لاءِ گهربل سامان مهيا ڪري.

اٿارٽي جي معاملن جو انتظام

6. (1) هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن ۽ قاعدن ۽ ضابطن، عام هدايت ۽ اٿارٽي جي انتظاميا موجب دفعہ 7 تحت جوڙيل بورڊ ۾ اچي ويندا، جيڪو سمورا

Administration of the affairs of Authority

اختيار استعمال ڪندو ۽ اهي سمورا قدم ڪڻندو ۽ اهي شيون ڪندو جيڪي ٿيڻ گهرجن ۽ اٿارٽي طرفان ڪرڻ گهرجن.

(2) بورڊ پنهنجا ڪم ڪرڻ وقت سمورن واپاري خدشن تي ڪم ڪندو ۽ اهڙين هدايتن سان رهنمائي ڪئي ويندي، جيڪي وقت وقت حڪومت طرفان ڏنيون وڃن.

(3) جيڪڏهن ڪو سوال اٿي تہ ڪو معاملو پاليسي جو معاملو آهي يا نہ تہ حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of the Board

7. بورڊ مشتمل هوندو:

(i)	معدني ترقي سنڌ جو وزير	چيئرمين
(ii)	ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ) پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ	سرڪاري ميمبر
(iii)	سيڪريٽري، انڊسٽريز اينڊ منرل ڊولپمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ	سرڪاري ميمبر
(iv)	سيڪريٽري فنانس ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ	سرڪاري ميمبر
(v)	ڊائريڪٽر جنرل سنڌ ڪول اٿارٽي	سرڪاري ميمبر
(vi)	حڪومت طرفان مقرر ڪيل ٻہ غير سرڪاري ميمبر	غير سرڪاري ميمبر

(2) ڊائريڪٽر جنرل بورڊ جو سيڪريٽري پڻ هوندو.

(3) بورڊ ڪنهن خاص مقصد لاءِ ڪنهن شخص کي ميمبر طور مقرر ڪري سگهي ٿو، پر اهڙي شخص کي ووٽ جو حق حاصل نہ هوندو.

(4) ڪوئي سرڪاري ملازم پنهنجي عهدي جي حوالي سان ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي تہ اهو عهدي ڇڏڻ کانپوءِ ميمبر نہ رهندو.

(5) هڪ غير سرڪاري ميمبر مقرري واري تاريخ کان هڪ سال جي مدي لاءِ ميمبر رهي سگهندو ۽ ٻيهر ميمبر جو اهل هوندو اهڙي عرصي لاءِ جيئن حڪومت طئي ڪري.

(6) غير سرڪاري ميمبر ڪنهن بہ وقت، مدو پورو ٿيڻ کان اڳ، پنهنجي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو يا حڪومت طرفان ڪو سبب ڄاڻائڻ کان سواءِ ڪيس برطرف ڪري سگهجي ٿو.

ميمبرن جي نااهلي
Disqualifications of members

8. ڪو بہ شخص ميمبر نہ رهندو ۽ ميمبرشپ جاري نہ رکي سگهندو، جيڪو:

(a) پاڪستان جو شهري ناهي؛

(b) ذهني توازن وڃائي ٿو ويهي يا ذهني مريض ٿي وڃي ٿو؛

(c) بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ ملوث آهي يا ڪنهن بہ وقت تي ملوث رهيو آهي؛

(d) آهي يا ڪنهن بہ وقت ڏيوالو قرار ڏنو ويو آهي؛

(e) آهي يا ڪنهن بہ وقت ملازمت لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو آهي يا سرڪاري نوڪري مان برطرف ڪيو ويو آهي؛

(f) هن ايڪٽ جي گنجائشن جي خلاف ڪم ڪري رهيو آهي؛

(g) حڪومت کان اجازت کانسواءِ اٿارٽي جي ڪنهن پراجيڪٽ يا اسڪيم يا ملڪيت ۾ سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت ڪو مالي مفاد اٿس.

غير سرڪاري ميمبرن لاءِ معاوضو ۽ الائونسز
Remuneration and allowances to the non_official members

9. اٿارٽي غير سرڪاري ميمبر کي اهڙيون مراعتون ڏيڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي جيئن اها حڪومت جي منظوري سان طئي ڪري.

باب _III

اٿارٽي جي فنڪشنريز جي مقرري ۽ ڪم

ڊائريڪٽر جنرل
Director General

10. (1) حڪومت اهڙي اهليت رکندڙ ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب ڊائريڪٽر جنرل مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن اها طئي ڪري.

(2) ڊائريڪٽر جنرل ڪل وقتي عملدار ۽ اٿارٽي جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ ڪيس ڪنهن ٻي ڪارپوريشن يا ڪمپني يا اٿارٽي جي ميمبرشپ حاصل هوندي، جيستائين حڪومت طرفان ڪيس ڇوٽ هوندي.

(3) حڪومت ڊائريڪٽر جنرل کي هٽائي سگهي ٿي، جيڪڏهن اهو:

(a) ذميوارين نڀائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا حڪومت جي نظر ۾ هن ايڪٽ تحت پنهنجون ذميواريون نڀائڻ لاءِ نااهل ٿي وڃي ٿو، يا

(b) ڊائريڪٽر جنرل طور پنهنجي عهدي واري حيثيت جو غلط استعمال ڪري ٿو.

(c) حڪومت کان لکت ۾ اجازت وٺڻ کانسواءِ سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت اٿارٽي سان لاڳاپيل ڪنهن ملڪيت،

اسڪيم، پراجيڪٽ ۾ ڪو شيئر يا فائدو حاصل ڪيو اٿئين يا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿئين.

عملدارن ۽ اسٽاف جي مقرري
Appointment of Officers and staff

11. (1) اٿارٽي پنهنجي ڪمن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهڙن عملدارن، صلاحڪارن، ڪنسلٽنٽس ۽ ٻئي عملي کي، جيڪي پروفيشنل، ٽيڪنيڪل، منسٽيريل يا سيڪريٽريل اهليت ۽ تجربو رکندڙ هجن، انهن کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) عملدار، صلاحڪار، ڪنسلٽنٽس ۽ ٻئي عملي خلاف اهڙي انتظامي ڪارروائيءَ ڪري سگهبي ۽ اهڙي طريقي جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

مالياتي ۽ فني ڪميٽين جي مقرري
Appointment of financial and technical committees

12. (1) اٿارٽي هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ، اهڙيون مالياتي، فني يا مشاورتي ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) ڪميٽيون اهڙن معاملن تي مشورو ڏئي سگهن ٿيون ۽ اهڙا ڪم ڪري سگهن ٿيون، جيڪي انهن کي بورڊ، چيئرمين يا ڊائريڪٽر جنرل طرفان سونپيا وڃن.

چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Chairman

13. (1) چيئرمين اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو ۽ اهڙا ڪم ڪندو جيئن ڪيس هن ايڪٽ تحت سونپيا وڃن.

(2) جتي بورڊ ناهي جوڙي ويو يا ڪا هنگامي صورتحال پيدا ٿئي ٿي، چيئرمين بورڊ جا اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو جيڪي ضروري هجن، پر اهڙيءَ ريت استعمال ڪيل اختيار ۽ ان سلسلي ۾ ڪنيل قدم کي بورڊ سامهون اهڙي قدم کانپوءِ پهرين گڏجاڻيءَ ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو.

ڊائريڪٽر جنرل جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Director General

14. هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب ۽ چيئرمين جي عام ضابطي هيٺ، ڊائريڪٽر جنرل:

(a) اثرائتو ضابطو هلائيندو ۽ اٿارٽي جي روز مرهه جي معاملن بابت ذميوار هوندو؛

(b) اٿارٽي طرفان ڪيل حڪمن، پراجيڪٽن ۽ اسڪيمن جي نظرداري، عملدرآمد لاءِ ذميوار هوندو ۽ ڪاروهنوار تي ضروري ۽ جوڳي نموني ضابطو رکندو؛

(c) اٿارٽي جي مالياتي ۽ انتظامن جي نظرداري ڪندو ۽ سونپيل سموريون ذميواريون نڀائيندو ۽ هن ايڪٽ تحت منتقل ڪيل سمورا اختيار استعمال ڪندو.

(d) ڪيس اٿارٽي جي عملدارن تي انتظامي اختيار حاصل هوندو.

بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

15. (1) سمورو ڪاروهنوار مفهوم موجب ۽ ضابطن ۾ ڄاڻايل طريقيڪار موجب هوندو، جيڪو بورڊ جي گڏجاڻين ۾ پيش ڪيو ويندو.

(2) بورڊ جون گڏجاڻيون اهڙي طريقي ۽ اهڙي وقت ۽ اهڙي هنڌ تي ڪوٺايون ويندیون جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛ بشرطيڪ جيستائين ضابطا جوڙيا ناهن ويا، تيستائين گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت ۽ تڏهن ڪوٺايون ويندیون جهڙي طريقي چيئرمين هدايت ڪري.

باب _IV

ماليات، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

فنڊ
Fund

16. (1) اٿارٽي جو ڏار فنڊ هوندو، جنهن کي سنڌ ڪول اٿارٽي فنڊ سڏيو ويندو.

(2) فنڊ مشتمل هوندو:

(a) حڪومت يا ڪنهن لوڪل باڊي کان حاصل ٿيل گرانٽس ۽ سبسڊي؛

(b) قانون موجب حڪومت جي منظوري سان اٿارٽي طرفان گڏ ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛

(c) هن ايڪٽ تحت وصولي لائق فيس ۽ ٻيون چارجز؛

(d) اٿارٽي طرفان وصولي لائق ٻيون سموريون رقمون.

(3) فنڊ ۾ وڏل رقمون بورڊ طرفان منظور شده ڪنهن شيڊول بئنڪ ۾ جمع ڪرايا ويندا.

(4) فنڊ هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو. ان سان گڏوگڏ قرضن جي ادائگي ۽ انهن تي وياج، ۽ هن ايڪٽ تحت پگهارن ۽ ٻين مراعات لاءِ استعمال ڪيو ويندو.

(5) اٿارٽي پنهنجا اضافي فنڊ وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن سڪيورٽي ۾ سيڙائيندي يا حڪومت طرفان منظور ٿيل ڪنهن سڪيورٽي يا اسڪيم ۾ سيڙائيندي.

اڪائونٽس ۽ آڊٽ
Accounts and Audit

17. (1) اٿارٽي آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جي صلاح مشوري سان اهڙي طريقي اڪائونٽس رڪارڊ رکندي ۽ اڪائونٽس کي درست ڪندي جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) اٿارٽي جا اڪائونٽس هر سال آڊيٽر جنرل آف پاڪستان طرفان اهڙيءَ ريت آڊٽ ڪيا ويندا، جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

رهتن جي اوڳاڙي
Recovery of dues

18. ڪنهن شخص، باڊي يا تنظيم طرفان اٿارٽي ڏانهن سموريون رهتون لينڊ روينيو جي رهتن جي مد ۾ وصولي لائق

هونديون.

باب ـ V

متفرقات

هدايت ڏيڻ لاءِ حڪومت جا اختيار
Powers of Government to give direction

19. (1) حڪومت اٿارٽي کان ڪو دستاويز، ريٽرنس، اسٽيٽمينٽ، اسٽيٽسٽڪس ياڪنهن بہ معاملي سان لاڳاپيل ڪا ٻي معلومات طلب ڪري سگهي ٿي، جيڪا اٿارٽي جي ضابطي هيٺ هجي ۽ اٿارٽي اهڙي درخواست تي عملدرآمد ڪندي.

(2) اٿارٽي مالي سال جي ختم ٿيڻ کان ٽي مهينا اڳ حڪومت کي ان مالي سال جي ڪاروهنوار بابت رپورٽ فراهم ڪندي.

اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

20. (1) اٿارٽي، عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ اهڙين شرطن موجب، جيئن چيئرمين، ڊائريڪٽر جنرل، يا ان جي عملدارن يا ملازم کي ان جي اختيارن، ذميدارين ۽ ڪمن منجهان ڪجهہ بہ هن ايڪٽ يا ان سلسلي ۾ قاعدن ۽ ضابطن موجب سونپي يا منتقل ڪري سگهي ٿي.

(2) چيئرمين يا ڊائريڪٽر جنرل پنهنجي اختيارن منجهان ڪي بہ ڪنهن عملدار يا ملازم يا اٿارٽي کي منتقل ڪري سگهي ٿو سواءِ انهن اختيارن جي جيڪي ڪيس ڏيلي دفعہ (1) تحت منتقل ڪيا ويا آهن.

عوامي ملازم
Public Servant

21. اٿارٽي جو چيئرمين، ڊائريڪٽر جنرل، ميمبر، عملدار، صلاحڪار، ڪنسلٽنٽ يا ملازم، جڏهن هن ايڪٽ جي قاعدن ۽ ضابطن تحت ڪم ڪري رهيا هجن، اهي پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 21 جي مفهوم موجب سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

22. اٿارٽي جو ڪو بہ عمل يا ڪارروائي بورڊ ۾ ڪنهن آسامي يا ان جي جوڙجڪ جي سبب ڪري غير موثر نہ سمجهيا ويندا.

ايڪٽس ۽ ڪارروائين جي توثيق
Validation of acts and proceedings

23. اٿارٽي، چيئرمين، ڊائريڪٽر جنرل يا اٿارٽي جي ٻئي ڪنهن عملدار خلاف هن ايڪٽ يا قاعدن ۽ ضابطن تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪو مقدمو ڪيس يا ٻي ڪا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

ضمانت
Indemnity

24. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

قاعدا
Rules

25. اٿارٽي قاعدن ۾ نہ ڄاڻايل سمورن معاملن لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي ۽ جنهن جي لاءِ هن ايڪٽ ۽ قاعدن جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گنجائشون ضروري آهن.

ضابطا
Regulations

26. سنڌ ڪول اٿارٽي آرڊيننس، 1993 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

1993 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance No.XXII of 1993

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.